No. 24

پلڊاٽ

قانونسازي جي باري ۾ مختصر جائزو

نومبر 2015

# پنجاب پوليس آرڊر (ترميمي) ايڪٽ سال 2013ع

## موجوده حالت

گورنر پنجاب آئين پاڪستان 1973ع جي آرٽيڪل 128 (1) جي تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي 24 جولائيِ 2013ع تي پنجاب پوليس آرڊر (ترميمي) آرڊيننس لاڳو ڪيو. پنجاب پوليس آرڊر (ترميمي) ايڪٽ 2013 (ترميمي ايڪٽ سال 2013) تي ان وقت جي پاڪستان مسلم ليگ(ن) سان تعلق رکندڙ قانون واري صوبائي وزير رانا ثناءَ الله پنجاب اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ۽ اهو ايڪٽ بعد ۾ پنجاب اسيمبلي 29 آگسٽ 2013ع تي تسليم ۽ منظور ڪيو.

## ميجتا ۽ لاتعلقي جو اظهار

قانون سازي جي باري ۾ ڇاٽايل مختصر جائزو غيرسرڪاري اداري پلڊاٽ پوليس پروسيڪيوشن سروس ۽ قانوني امداد جي نظام جي تحت تحرير ۽ شايع ڪرايو آهي. ان ڪم جي لاءِ اداري جي مالي مدد ڊويلپمينٽ الٽرنيٽو انڪ (ڊي اي آءِ) انهانسڊ ڊيموڪريٽڪ اڪائونٽبلٽي اينڊ سوڪ انگيجمنيٽ (اي ڊي اي سي اي) پراجيڪٽ جي تحت فراهم ڪئي آهي. هن قانون سازي جي مختصر جائزي ۾ جن خيالن ۽ تجزين جو اظهار ڪيو ويو آهي ان سان لازمي طور تي اداري ڊويلپمينٽ الٽرنيٽو انڪ (ڊي اي آءِ) جي خيالن جي ترجماني نہ ٿي ٿئي.

## ترميمي ايڪٽ 2013ع جا اهم نڪتا

I. هن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو آهي تہ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر (اي ايس آءِ) جي بدران سڌوسنئون سب انسپيڪٽر (ايس آءِ) جي ڀرتي ڪئي ويجي(آرٽيڪل 7(3)) سب انسپيڪٽر جي عهدي تي سڌي سنئين ڀرتي جي لاءِ چونڊ 50 سيڪڙو جاين تائين پنجاب پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي اميدوار جي ضلعي جي ڊوميسائيل جي بنياد تي ساڳي پوليس ريجن ۾ ڪئي ويندي. (آرٽيڪل 7(3)(بي))

II. ان ۾ حاضر سروس اي ايس آءِ ۽ هيڊ ڪانسٽيبل (ايچ سي) جي محڪماڻي ترقي جي لاءِ 25 سيڪڙو ڪوٽا مقرر ڪئي وئي آهي. (آرٽيڪل 7(3)(سي)(اي))

III. ان ۾ حاضر سروس ايچ سي ۽ ڪانسٽيبل جي اي ايس آءِ جي عهدي تي قابليت جي بنياد تي محڪماڻي ترقي جي لاءِ 25 سيڪڙو ڪوٽا رکي وئي آهي.(آرٽيڪل 7(3)(سي)(بي)

IV. ان ۾ تحقيقاتي ڪم ڪي سڌوسنئون ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر جي نگراني هيٺ ڪيو ويو آهي جنهن جي لاءِ هڪ ضلعي تحقيقاتي برانچ (ڊي آءِ بي) قائم ڪئي ويندي. (آرٽيڪل 18)

V. تحقيقات جي نئين نظام ۾ سپروائيز آفيسرن ڪي جيڪي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پوليس آفيسر (ڊي ايس پي) جي عهدي کان گهٽ درجي جا نہ هوندا جي لاءِ هڪ شق ڪي متعارف ڪرايو ويو آهي جيئن تحقيقات ڪي وقت تي مڪمل ڪرڻ ۽ ان جي تصديق ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي.(آرٽيڪل 18)

VI. ان ۾ آرٽيڪل 18 اي شامل ڪيو ويو آهي جنهن هيٺ ضلعي، علائقائي ۽ صوبائي پوليس آفيسن ۾ درخواست تي تحقيقات جي تبديلي مقرر وقت (7 ڏينهن) جي اندر ڪري سگهجي ٿي.

VII. ان جي هيٺ آرٽيڪل 21 ۾ ترميم ڪئي وئي آهي جيئن سب انسپيڪٽرن کي ايس ايچ او جي طور تي مقرر ڪري سگهجي.

VIII. ان ۾ پوليس آرڊر سال 2002ع جي آرٽيڪل 184 کي خارج ڪيو ويو آهي جنهن جي هيٺ پهريان صوبائي حڪومت کي لاڳاپيل آرڊر جي ڪنهن شق ۾ ترميم ڪرڻ، ڦيرگهير ڪرڻ يا معمولي تبديلي آڻڻ جو اختيار حاصل هو جنهن جو تعلق صوبي کان ان جي مخصوص ضرورتن ۽ حالتن جي بنياد تي ٿيندو هو پر ان ۾ پاڪستان جي چيف ايگزيڪيوٽو جي منظوري شرط رکيل هئي.

IX. سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ ترميمي ايڪٽ 2013ع جي قانون سازي جي ذريعي پنجاب صوبي وٽ پوليس آرڊر 2002ع جون باقي بچيل شقون رهجي ويون انهن شقن جو تعلق پنجاب پوليس جي قيام، انتظام، سخت شهري نگراني ۽ احتساب سان آهي.

### خلاصو

پنجاب صوبي پوليس آرڊر 2002ع جي فيصلن کي برقرار رکندي ان ۾ ترميمي ايڪٽ سال 2013ع جي ذريعي ڪجهہ ترميمون ڪيون آهن جيڪي هيٺ بيان ڪجن ٿيون:

(الف) آرٽيڪل 7 ۾ ترميم ڪري اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر جي بدران سب انسپيڪٽر جيسڌي سنئين مقرري ۽ ڪانسٽيبلن، هيڊ ڪانسٽيبلن ۽ اي ايس آءِ جي قابليت جي بنياد تي تيز رفتار ترقيءَ جي لاءِ طريقيڪار جوڙيو ويو آهي.

PILDAT
Pakistan Institute of Legislative Development And Transparency

پلڊاٽ

## قانونسازي جي باري ۾ مختصر جائزو

# پنجاب پوليس آرڊر (ترميمي) ايڪٽ سال 2013ع

(ب) آرٽيڪل 18 ۾ ترميم جي ذريعي تحقيقات جي طريقي کي وڌيڪ بهتر ۽ اثرائتو بڻايو ويو آهي جنهن ۾ تحقيقات جي ذريعي نگراني کي وڌايو ويو آهي ۽ ان ۾ آرٽيڪل 18 اي شامل ڪيو ويو آهي جنهن هيٺ تحقيقات جي ضلعي جي اندر منتقلي جي اجازت ڏني وئي اهي ۽ تحقيقات جي منتقلي تي فيصلن جي لاءِ وقت مقرر ڪيو ويو آهي.

(ج) آرٽيڪل 21 ۾ ترميم ڪئي وئي جنهن هيٺ سب انسپيڪٽر کي اسٽيشن هائوس آفيسر (ايس ايچ او) مقرر ڪري سگهجي ٿو.

(د) آرٽيڪل 184 کي ختم ڪيو ويو آهي جنهن جي ذريعي صوبائي حڪومت کي پوليس آرڊر 2002ع ۾ پنهنجي صوبي جي مخصوص ضرورتن ۽ حالتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ وزيراعظم جي اڳواٽ منظوري سان ترميم ڪرڻ جي اجازت حاصل هئي ۽ ان ترميم جي ذريعي جيڪي انتظام ڪيا ويا آهن انهن ۾ پڙهيل لکيل تحقيق ڪندڙن ۽ بهتر قابليت رکندڙ سب انسپيڪٽرن کي آئينده ايس ايچ او لڳائڻ، تحقيقات ۾ ٻهريان کان بهتر نگراني ۽ هم آهنگي پيدا ڪرڻ، تحقيقات جي مقامي طور تي سولائيءَ سان ۽ اثرائتي منتقلي، ڪانسٽِيلبن، هيڊ ڪانسٽيبلن ۽ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرن جي قابليت جي بنياد تي تيزي سان ترقي ۽ قابل سب انسپيڪٽرن کي ايس ايچ او جي طور تي مقرر ڪرڻ شامل آهن جيئن سٽي/ ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسرن کي ايس ايچ او مقرر ڪرڻ ۾ وڌيڪ مناسب اختيار فراهم ڪري سگهجن. تنهن هوندي پوليس آرڊر2002[1] جي آرٽيڪل 184 کي ختم ڪرڻ جو حتمي فيصلو سپريم ڪورٽ ڪندي.

X. پوليس آرڊر سال 2002ع جو اصل مسئلو جنهن ۾ ترميمي ايڪٽ 2013ع جي ذريعي تبديلي ڪئي وئي ان جي جاري ٿيڻ جي وقت کان ان تي عملدرآمد جو آهي. پوليس آرڊر 2002ع ۾ شهرين جي پاران سخت نگراني، مواخذي ۽ ڪميونٽي ۾ پوليس جي مقرري جي باري ۾ اهم فيصلن تي اڃا تائين عملدرآمد ناهي ڪيو ويو. ان کان سواءِ ترميمي ايڪٽ 2013ع جي ذريعي ترميم ٿيل پنجاب پوليس آرڊر 2002ع ۾ خاص طور تي تحفظ جي ڪميشنن ۽ شڪايت وصول ڪندڙ عملدارن جي سياسي توازن کي بهتر بنائڻ، عملدارن جي صوابديدي اختيارن کي منظم ڪرڻ ۽ پوليس جي ڪارڪردگي کي بهتر بنائڻ جي لاءِ ڪجھ ترميمون گهربل آهن.

### 1. ترميمي ايڪٽ 2013ع جو تجزيو

I. **آرٽيڪل 7:** ترميم ٿيل آرٽيڪل 7 (3) جي هيٺ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر (اي ايس آءِ) جي بدران سڌوسنئون سب انسپيڪٽر (ايس آءِ) جي عهدي تي پنجاب پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي سڌي سنئين ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان ترميم کي سنن پڙهيل لکيل ۽ قابليت رکندڙن ۽ تازي تحقيق رکندڙن کي ايس آءِ جي عهدي تي ڀرتي ڪرڻ جي لاءِ ۽ مستقبل جي اسٽيشن هائوس آفيسرن (ايس ايچ او) بنجڻ جي تربيت ڏيڻ جي لاءِ پاليسي جو وسيلو بڻايو ويو آهي. آرٽيڪل 7 ۾ ترميم سان اهل ۽ قابل ڪانسٽيبلن، هيڊ ڪانسٽيبلن ۽ اي ايس آءِ جي لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي قابليت جي بنياد تي تيز ترقي جو هڪ موقعو فراهم ڪيو ويو آهي تنهن هوندي پوليس جي مختلف عهدن تي سڌي سنئين ڀرتي پوليس رهنمائن ۽ جونيئر عهديدارن جي وچ ۾ لکيل لاتعلقي جو هڪ اهم سبب رهيو آهي، جيتوڻيڪ ڀرتي جو عمل شفاف ۽ مقابلي تي ٻڌل هوندو آهي. ماضي ۾ انسپيڪٽرن جي سڌي سنئين ڀرتي جي سبب کان پوليس جي اندر هڪ طرف ترقي حاصل ڪيل انسپيڪٽرن ۽ سب انسپيڪٽرن ۽ ٻئي طرف سڌي سنئين ڀرتي ڪيل انسپيڪٽرن جي وچ ۾ اندروني اختلاف پيدا ٿيا جنهن سان هڪٻئي تي ڪيسن ڪرڻ جو اڻ کٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو. اهڙي طرح ايس آءِ جي سڌي سنئين ڀرتي پنجاب پوليس ۾ ٻهريان کان حاضر سروس ڪانسٽيبلن، هيڊ ڪانسٽيبلن ۽ اي ايس آءِ جي وچ ۾ غير اطمينان جو سبب بڻجندي آهي. اهڙي طرح جي سڌي سنئين مقرري جو ماهرين کان تجرباتي شهادت جي بنياد تي جائزو ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي.

II. **آرٽيڪل 18** ۾ ترميم هيٺ پوري صوبي ۾ ڊسٽرڪٽ انويسٽي گيشن برانچ (ڊي آءِ بي) جي قيام سان تحقيقات جي طريقي کي بهتر ۽ اثرائتو بڻايو ويو آهي، ان نظام جي هيٺ معمولي نوعيت جي ڏوهن جي تحقيقات لاڳاپيل ٿاڻي (پوليس اسٽيشن) تي ڪئي ويندي جڏهن تہ وڏن ڏوهن کي ڊي آءِ بي جي حوالي ڪيو ويندو. تحقيقات جي نئين نظام ۾ تحقيقات کي وقت تي مڪمل ڪرڻ ۽ تصديق ڪرڻ جي لاءِ هڪ نئين شق متعارف ڪرائي وئي آهي جنهن هيٺ نگران آفيسر مقرر ڪيا ويندا. جاٺايل آفيسر تحقيقاتي آفيسرن يا آفيسرن جي ٽيم کي سڏائي سگهن ٿا ۽ ڪيسن تي نظرثاني ڪري سگهن ٿا. تحقيقات جي پوليس جي ٻين فرضن کان اهڙي طرح عليحدگي ۽ نگراني جي مٿانهين سطح سان تحقيقات جي ڪوالٽي ۾ بهتري پيدا ٿيندي ۽ غلط تحقيقات تي اندروني طور تي اثرائتي جانچ پڙتال ۾ مدد ملندي.

III. **آرٽيڪل 18 اي** کي شامل ڪرڻ سان تحقيقات جي منتقلي جي لاءِ هڪ اهڙو نئون طريقيڪار فراهم ڪيو ويو آهي جنهن هيٺ هڪ مقدمي کي هڪ تحقيقاتي آفيسر کان منتقل ڪري ٻئي آفيسر يا تحقيقاتتي آفيسرن جي ٽيم جي عهدي ۾ سابق تحقيقاتي آفيسرن جي برابر يا مٿي هجي جي حوالي ڪري سگهجي ٿو: منتقلي جو اهو ڪم (i) ڊسٽرڪٽ آفيسر جي سربراهي ۾ ڊسٽرڪٽ اسٽينڊنگ ڪميٽي جي راءِ حاصل ڪرڻ کان پوءِ يا (ii) ريجنل پوليس آفيسر ريجنل اسٽينڊنگ ڪميٽي بورڊ جي راءِ کان پوءِ يا (iii) صوبائي پوليس آفيسر اسٽينڊنگ ريونيو بورڊ جي راءِ حاصل ڪرڻ کان پوءِ سرانجام ڏيندو. اهو ڪم عوام جي ڪيسن جي اثرائتي پيروي جي اعتبار کان آڏو ڏڪائين کي نظر ۾ رکي ڪري مقامي سطح تي تحقيقات جي منتقلي کي آسان بنائڻ جي لاءِ شروع ڪيو ويو

[1] حيدر عليءَ هڪ ٻئي شخص پاران ڊي پي او چڪوال ۽ ٻين جي خلاف: سول پٽيشن نمبر 1282، تاريخ 4 سيپٽمبر 2004، جنهن جو عدالتي حڪم سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ التوا هيٺ آهي

# پنجاب پوليس آرڊر (ترميمي) ايڪٽ سال 2013ع

آهي. ان سان تحقيقات جي منتقلي جي هڪ سطح ۾ واڌ ٿي وئي آهي جنهن جي هيٺ ڊي پي او کي پهرين منتقلي جي لاءِ بااختيار بڻايو ويو آهي جڏهن ته ماضي ۾ ائين نه هوندو هو. ستن ڏينهن جي مقرر ٿيل وقت تائين تحقيقات جي منتقلي جي لاءِ درخواستن جو فيصلو ڪرڻ ۾ دير کان ڪيپائڻ جي لاءِ نگران آفيسرن جي صوابديدي اختيارن تي پابندي جي شروعات ڪئي وئي آهي.

١٧. **پوليس آرڊر 2002ع جو آرٽيڪل 184،** جنهن جي هيٺ صوبائي حڪومتن کي پنهنجي صوبي جي باري ۾ خصوصي ضرورتن ۽ حالتن جي بنياد تي جاٽايل آرڊر ۾ وزيراعظم جي منظوري سان ڦير گهير يا معمولي تبديلي ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، جيڪو هاڻي رد ٿي ويو آهي.

ترميمي ايڪٽ 2013ع جي ذريعي پنجاب پوليس آرڊر 2002ع جي باقي فيصلن کي برقرار رکيو آهي جنهن ۾ سخت شهري نگراني ۽ احتساب جي باري ۾ فيصلا به شامل آهن. پوليس آرڊر 2002ع پوليس ايڪٽ 1861ع جي جڳهه ورتي جنهن جو بنيادي مقصد پوليس ۾ اهڙي انداز ۾ سڌارا ڪرڻ آهي جنهن سان اها آئين، قانون ۽ پاڪستان جي جمهوري خواهشن جي مطابق فرض سرانجام ڏئي سگهي ان سان هڪ اهڙي پوليس سروس جو قيام مقصود آهي جيڪو پيشيوراڻو، خدمتن تي ٻڌل ۽ ماڻهن کي جوابده هجي.

### پنجاب پوليس آرڊر 2002ع جون اهم خاصيتون هيٺ بيان ڪجن ٿيون.

1. سخت شهري نگراني: جيڪا وفاقي، صوبائي ۽ ضلعي تي ٻڌل عوامي تحفظ ڪميشنن جي ذريعي ڪئي ويندي.(آرٽيڪل 37—96)
2. پوليس فورس جي سربراهن سميت پوليس آفيسرن جي بدلين ۽ مقرري ۾ سياسي عمل دخل کي ختم ڪرڻ.(آرٽيڪل 11، 12، 13، 15 ۽ 16)
3. سٽيزن پوليس رابطا ڪميٽين جي ذريعي ڪميونٽي ۾ پوليس جي مقرري (آرٽيڪل 168)
4. پوليس ۽ عوامي تحفظ ڪميشنن جي ذريعي ٻاهرين طور تي (پوليس جو) احتساب.(آرٽيڪل 97—108).

پوليس آرڊر 2002ع جي هيٺ پوليس جي مقرري جي باري ۾ مجسٽريٽ کي حاصل عام ڪنٽرول ۽ حڪم (آرٽيڪل 10، 16) واپس وٺي ڪري پوليس تي ٻٽي ڪنٽرول جو نظام ختم ڪيو ويو آهي. ان ڪم ۾ بهتري جي لاءِ ان کي برانچن، ڊويزنن، بيورو ۽ شعبن ۾ ورهائڻ جو انتظام ڪيو ويو آهي.

عملدرآمد جو درجو: ترميمي ايڪٽ 2013ع جي هيٺ ترميم ٿيل پوليس آرڊر 2002 جي ڪجهه حصن تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ ڪجهه اڳيرائي ڏني وئي آهي، مثال جي طور تي تحقيقات جي ڪم جي عليحدگي (آرٽيڪل 18) جنهن کي وڏن شهري مرڪزن ۾ وڌيڪ لاڳو ڪيو ويو، تحقيقات جي منتقلي جي طريقيڪار کي بهتر ۽ اثرائتو بنائڻ (آرٽيڪل 18 اي)، پوليس آفيسرن جي پاران ڏوهه قبولڻ تي سزائون (آرٽيڪل 156، 157، 158) ۽ ضلعي سطح تي سي جي سي سي جو قيام (آرٽيڪل 111-109) شامل آهن.

جڏهن ته 2002ع جي پوليس سڌارن تي جزوي عمل درآمد جو مجموعي اثر جمهوري انداز ۾ پوليس کي منظم ڪرڻ ۽ عوام ۾ مضبوط قدر و قيمت پيدا ڪرڻ ۾ ڪافي حد تائين غير اهم رهيو آهي، تنهن هوندي ان مان ڪيترائي تنظيمي ڍانچا جيڪي پوليس کي جمهوري انداز ۾ ترقي ڏيڻ، مثال طور تحفظ جي ڪميشنن، شڪايت وصول ڪندڙ آفيسرن ۽ سٽيزن پوليس رابطا ڪميٽين جي جوڙجڪ ۾ انتهائي اهم آهن اهي جيڪي اڃا تائين پنجاب ۾ قائم ناهن ڪيا ويا. انسپيڪٽر جنرل آف پوليس (آءِ جي پي) ۽ جونيئر آفيسرن جي چونڊ ۽ ملازمت جي وقت جي باري ۾ فيصلن تي به عمل نه پيو ڪيو وڃي ۽ اهڙي طرح پوليس جي سياسي غيرجانبداري ۽ طاقت کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي.

سڌارن جي لاءِ گنجائش

پنجاب پوليس آرڊر 2002 ۾ شهرين جي سخت نگراني ۽ احتساب جي ادارن ۾ سياسي توازن برقرار رکڻ ۽ آفيسرن جي ”صوابديدي اختيار کي نظام هيٺ آڻڻ“ ۽ ان جي ڪارڪردگي جو بندوبست ڪرڻ ڪمزور رهيو آهي. ترميمي ايڪٽ 2013ع جي ذريعي ترميم ٿيل پنجاب پوليس آرڊر ۾ شهري علائقن ۾ پوليس جي مقرري جي مخصوص ضرورتن تي توجهه جي ڪوٽ آهي. وڏن شهرن مثال طور لاهور، فيصل آباد ۽ راولپنڊي کي پيچيده ۽ نظم وضبط جي صورتحال آڏو رهندي آهي ان لاءِ انهن تي پوليس پاران وڌيڪ اثرائتو ۽ پيشيوراڻي توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي.

### علائقائي تجربا ۽ مثال

پوليس آرڊر 2002ع جو لاڳو ٿيڻ پوليس کي جمهوري بنائڻ جي لاءِ ڏکڻ ايشيا ۾ ڪئي ويندڙ سڀ کان وڌيڪ ترقي يافته قانون سازي آهي. تنهن هوندي اها ڳالهه هميشه تحسين لائق آهي ته علائقائي تجربن ۽ قدمن مان سبق حاصل ڪيو وڃي. انڊين پنجاب پوليس ايڪٽ 2007 (دي انڊين ايڪٽ) ۽ ڪيرالا پوليس ايڪٽ 2011 جي هڪ مختصر جائزي ۾ غور جي لاءِ ڪجهه مفيد مثالون پيش ڪجن ٿيون.

- انڊين ايڪٽ جي آرٽيڪل 33 جي هيٺ انٽرنل سيڪورٽي سڪيم جو فيصلو ڪيو ويو آهي جڏهن ته ساڳي ايڪٽ جي آرٽيڪل 34 ۾ ان ڳالهه جو اهتمام ڪيو ويو آهي ته جڏهن به حڪومت کي دهشت گردي ۽ عسڪريت پسندي مان پيدا ٿيل خطرن کي منهن ڏيڻ جي ضرورت پيش اچي ته ان مقصد جي لاءِ اسپيشل سيڪورٽي ۽ ان جو قيام عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو.
- انڊين ايڪٽ جي آرٽيڪل 32 جي تحت ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پوليس جي عهدي تائين جي آفيسرن جي بدلين ۽ مقررين جي باري ۾ فيصلن کي وڌيڪ شفاف، پرپور ۽ سوچيل سمجهيل بنائڻ جي لاءِ پوليس اسٽيبلشمينٽ ڪميٽي جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.
- انڊين ايڪٽ جي آرٽيڪل 39-36 ۾ خاص ڏوهن جا تحقيقاتي يونٽ قائم ڪرڻ جو انتظام ڪيو ويو آهي جن کي تحقيق ڪندڙن جي لاءِ

پلڊاٽ

## قانونسازي جي باري ۾ مختصر جائزو

# پنجاب پوليس آرڊر (ترميمي) ايڪٽ سال 2013ع

انتخاب جو طريقيڪار، تربيت ۽ قانوني ۽ عدالت جي باري ۾ امداد جي مناسبت سان ڏسڻ گھرجي.

- ڪيرالا پوليس ايڪٽ 2013ع جي آرٽيڪل 96 جي تحت پوليس آفيسرن کي بدعنوان ۽ تشدد جي وارداتن جي رپورٽ ڪرڻ جو ذميدار ٻڌايو ويو آهي.

ڀارت ۽ بنگلاديش جي ڪيترن شهرن ۾ پوليس ڪمشنري نظام ڪم ڪري رهيو آهي جيئن وڏن شهرن ۾ پوليس جي خاص ضرورتن جي مطابق مقرر ڪري سگھجي.

### پنجاب جي صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن جي لاءِ سفارشون

1. پنجاب پوليس آرڊر 2002 جي اهم جمهوري فيصلن تي عملدرآمد ڪيو وڃي ۽ فوري طور تي هيٺ ڏنل قدمن جو قيام عمل ۾ آندو وڃي.
   I. شهرين جي پاران پوليس جي سخت نگراني ڪرڻ جي شروعات ڪرڻ لاءِ ٻه جماعتي پبلڪ سيفٽي ڪميشنن جي جوڙجڪ
   II. پوليس جي خلاف شڪايتون وصول ڪندڙ عملدار پوليس جو ٻيروني طور تي احتساب ڪرڻ جي عمل کي بهتر ٻڻائين.
   III. سٽيزن پوليس رابطا ڪميشنن (سي پي ايل سي)؛ پوليس آرڊر 2002 جي آرٽيڪل 168 ۾ چيو ويو آهي ته "حڪومت سي پي ايل سي قائم ڪري" ان شق کي اختياري جي بدران لازمي قرار ڏيڻ گھرجي.
2. آءِ جي جي چونڊ ۽ ملازمت جي وقت جي باري ۾ پوليس آرڊر 2002ع جي آرٽيڪل 12 کي عملو جامو پهرائڻ جيئن قابليت جي بنياد تي مقرري ۽ آءِ جي پي کي مناسب مهلت فراهم ڪري سگھجي. ان سان آءِ جي پي جي ڪارڪردگي جانچڻ ۽ پوليس کي وڌيڪ مددگار ۽ جوابده بنائڻ ۾ مدد ملندي.
3. پوليس اسٽيبلشمينٽ بورڊ جي جوڙجڪ ڪرڻ جي لاءِ پوليس آرڊر 2002ع ۾ ترميم ڪري اهو بورڊ جيڪو سينئر پوليس آفيسرن تي ٻڌل هو، آءِ جي پي جي مدد ڪندو ۽ ڊپٽي/ اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ پوليس کان گھٽ درجو رکندڙ آفيسرن جي مقرري، بدلين ۽ ترقين جي سفارش ڪندو جيئن بدلين ۽ مقررين جي باري ۾ فيصلن کي وڌيڪ شفاف ۽ سوچيل سمجھيل ٻڌائي سگھجي.
4. صوبائي ڪريمنل جسٽس ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (سي جي سي سي)؛ صوبائي سطح تي هڪ سي جي سي سي جو قيام عمل آندو وڃي جنهن ۾ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس کي چيئرپرسن جي طور تي، چيف سيڪريٽري، آءِ جي پوليس، گھرو سيڪريٽري، قانون واري سيڪريٽري، سيڪريٽري پراسيڪيوشن ۽ وائيس چيئرمين پنجاب بار ڪونسل ميمبرن جي طور تي شامل هجن. اها صوبائي سي جي سي سي (اي)اها ضلعن جي سي جي سي سي جي ڪارڪردگي جي نه ماهي بنياد تي جانچ پڙتال ڪندي ۽ (بي) قانونن ۽ پاليسين جو جائزو وٺندي، حڪمت عملي سان غور ڪندي ۽ فوجداري انصاف جي نظام ۾ سڌارن ۽ بهتري جي لاءِ ٽه ماهي بنياد تي تدبيرن جي تجويز ڏيندي. (سي) فوجداري انصاف جي نظام جي ميمبرن جي وچ ۾ موجود لاتعلي کي گھٽ ڪرڻ جي لاءِ تجويزون پيش ڪندي.
5. آءِ جي کي علائقائي، شهري ۽ ضلعي پوليس سربراهن جي مقرري جي لاءِ بااختيار بنائڻ جي لاءِ پوليس آرڊر 2002ع جي آرٽيڪل 13، 15، 17 ۾ ترميم ڪئي وڃي. ان سان پوليس کي پنهنجي ڪمانڊر سان هم آهنگ بنائڻ ۽ پوليس جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ بهتري پيدا ٿيندي.
6. صوبائي پبلڪ سيفٽي ڪميشن جي آزاد ميمبرن جي چونڊ جي لاءِ وڏي وزير سميت چونڊ پينل ميمبرن جي نامزدگي جو اختيار گورنر بدران صوبائي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ کي ڏيڻ جي لاءِ پوليس آرڊر 2002 ۾ ترميم ڪئي وڃي، ان سان چونڊ پينل کي وڌيڪ جمهوري، ڀرپور ۽ ممڪن حد تائين غيرجانبدار ٻڌائي سگھجي ٿو ڇو ته گورنر جو اڪثر تعلق حڪمران جماعت سان هوندو آهي.
7. پوليس آفيسرن کي تشدد، بدعنواني جي وارداتن جي رپورٽ ڪرڻ جو ذميدار بنائڻ لاءِ پوليس آرڊر 2002ع ۾ ترميم ڪئي وڃي.
8. تشدد پسندي ۽ دهشت گردي جي خطرن جو اثرائتي طور تي مقابلوڪرڻ جي خاطر خصوصي سيڪورٽي زون جي قيام جي لاءِ پوليس آرڊر 2002ع ۾ ترميم ڪئي وڃي.
9. پاڪستان ۾ پوليس ڪمشنري جي نظام کي لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي. پوليس ڪمشنر حڪومت جي فيصلن جي مطابق نظم و ضبط جي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ اهي اختيار استعمال ڪن جيڪي هڪ مجسٽريٽ کي حاصل آهن.